”شب معراج“ جي سُنتن ڀريي اجتماع ۾

ٿيڻ وارو سُنتن ڀريو بيان

صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# معراجِ مصطفيٰ جون حڪمتون

(Sindhi)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# معراجِ مصطفٰي جون حڪمتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

حضرتِ سَيِدُنا اُبَيِّ بن ڪعْب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو:"يا رَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان دُرُود جي ڪثرت ڪيان ٿو، مان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُود پڙهڻ جي لاءِ ڪيترو وقت مُقرَّر ڪيان؟ "فرمايائون: "جيترو چاهيو ڪيو." مون عرض ڪيو: "چوٿائي؟" فرمايائون، "جيترو چاهيو ڪيو پر جيڪڏهن وڌيڪ دُرودِ پاڪ پڙهندؤ تہ بهتر آهي. "مون عرض ڪيو: "نِصف؟" فرمايائون: "جيترو چاهيو پڙهو، پر وڌيڪ پڙهندؤ تہ بهتر آهي." عرض ڪيو، "مان سمورو وَقت اوهان تي دُرودِ پاڪ پڙهندو رهندس." فرمايائون، "پوءِ تہ اهو عمل توهان جي پريشانين ڪي



www.dawateislami.net

ڪفايت ڪندو ۽ توهان جي مَغفِرت جو سبب بڻجي ويندو. (المستدرک ،کتاب التفسیر، باب اکثر واعلي الصلوٰة في يوم الجمعة، رقم ٣۶٣١، ج٣، ص ١٩٨)

بیٹھتے، اُٹھتے، جاگتے، سوتے
ہو الٰہی میرا شِعار دُرُود

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رجب جي دُعا

رَجَب ۾ هي دُعا پڙهڻ سُنّت آهي! جڏهن رَجب جو مهينو ايندو هو ته نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هي دُعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّ شَعبَانَ وَبَلِّغنَا رَمَضَان

يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! تو اسان لاءِ رَجب ۽ شعبان ۾ بَرَڪتون عطا فرما ۽ اسان کي رَمَضان تائين پهچا. (اَلْمُعجَمُ الاَوسَط لِلطّبَراني ج3ص85حديث 3939)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**۽ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي



www.dawateislami.net

ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي بين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَـلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون ہہ نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِا لۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡ عِظَةِ الۡحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻٽائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

## برڪت واري عظيم رات



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ 1437 سنِ هجري جي رَجَبُ الْمُرَجَّب جي ستاويهين رات آهي، اللّٰه تَبارَڪ وتَعاليٰ جو لک لک شڪر آهي جو ان اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر عظيمُ الشّان فضيلت ۽ برڪت واري مُقدَّس رات نصيب فرمائي، هي اها عظيم ۽ بابرڪت رات آهي جو جنهن ۾ خالقِ ڪائنات جَلَّ جَلَالُہ اسان جي آقا، مُحَمّدِ مُصطفيٰ، حبيبِ ڪبريا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هڪ عظيم مُعجزو عطا فرمايو، معراج مصطفيٰ جون ڪهڙيون ڪهڙيون حڪمتون آهن، اڄ جي هن نوراني رات ۾ ڪهڙا ڪهڙا واقعا ظاهر ٿيا، ڪهڙيون ڪهڙيون انوار ۽ تجليات جون بارشون ٿيون، هن بابت بيان ڪرڻ جو ڪير حق ادا ڪري سگهي ٿو؟ پر مختصر طور ڪجھ مدني گل بيان ڪيا ويندا، نهايت ئي توجه ۽ دِلجمعي سان ٻڌو، اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ معراج واري مصطفيٰ، حبيبِ ڪبريا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت دِل ۾ وڌيڪ بيدار ٿيندي.

منهنجي آقا اعليٰ حضرت امام اهلسُنَّت پروانہ شمعِ رسالت مجدّدِ دِين وملّت شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ عشق و مستي ۾ گم ٿي معراج مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مَنظر ڪشي ڪندي، ”قصيدهءِ معراجيه“ جي اِبتدائي 12 شعرن ۾ ڇا فرمائن ٿا، اچو! اوهان کي ان شعرن جو خلاصو ٻڌايان ٿا.

اڄ جي رات رسالت ونبوت جي سربراه و بادشاه حضور سيدِ عالَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عرشِ مُعليٰ تي جلوه گر ٿيا تہ ان عرب جي مهمانِ ذيشان جي خوشي ۽ فرحت جي لاءِ سمورن اَسبابن کي گڏ ڪيو ويو، اڄ جي رات سمورا ملائڪ ۽ تمام اَفلاڪ پنهنجي پنهنجي سُر ۽ لهجي ۾ بُلبُلن واري انداز ۾ نغمہ سَرا هئا ۽ ڇئي رهيا هئا تہ اڄ جي رات ڪهڙي بهار آهي! بهارو! توهان کي اهي خوشيون مُبارڪ هجن! ۽ اي باغو! توهان کي بہ



www.dawateislami.net

خوشحاليون ۽ بهارون مُبارڪ هجن. اڄ جي رات آسمان ۽ زمين ٻنهي تي خوشين پريو نظارو هو ۽ ڌُوم متل هئي، اڄ جي رات نُور واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معراج جي خوشي ۾ نور جي بارش ٿي رهي هئي (جيئن گهوٽ جي اچڻ تي گُل پاشي ڪئي ويندي آهي) اڄ جي رات حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان ان انوار جي استقبال جي لاءِ خوشبوئون مهڪي رهيون هيون ۽ خوب رونق هئي، جهڙي طرح شاديءَ واري گهر ۾ هوندي آهي. اڄ جي رات خوشي سبب پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پُرنور چهري مان ايتري قدر نور نڪري رهيو هو جو جنهن عرش تائين سمورو نظارو روشن ڪري ڇڏيو هو، اڄ جي رات ايتري قدر جڳ مڳ ڪري رهي هئي جو ائين لڳي رهيو هو جو هر طرف آئينا لڳايا ويا هجن ۽ خانہ ڪعبہ هڪ نئي ڪنوار جيان حسين ۽ خوبصورت ٿي ويو هو، اڄ جي رات ان جي حسن و جمال ۾ نهايت جوش ۽ شباب اچي ويو ۽ حجرِ اَسوَد تي قُربان ٿيان جو ڪعبہ جي وچ ۾ هڪ تِر جيان آهي، اڄ جي رات ان ۾ بہ لڪين سينگار جا رنگ پرجي ويا هئا. اڄ جي رات معراج واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ ۽ محترم ۽ مُقدَّس اکين ۾ خُصُوصي نورانيت هئي، اڄ جي رات هر پاسي کان خُوشين جا بادل پرجي اچي رهيا هئا. دِلين جا مور پنهنجا رنگ ڏيکاري رهيا هئا، اڄ جي رات نغمہءِ نعت جو اهڙو نظارو ٻڌجي ويو هو جو خود حرم بہ وَجد ۾ هو. اڄ جي رات ڪعبي جي ڇت تي ٻٽيل سُنهري نيسارو جنهن جو نالو ”ميزابِ زَر“ آهي، جُهومر جيان لڳي رهيو هو، اڄ جي رات ڪعبہءِ مُعظَّم چمڪي، ڌمڪي رهيو هو ۽ ان جي خوشبودار غِلاف کي رات جي ٿڌي هوا اُڏائي رهي هئي، ۽ ان مان خُوشبو ڪٽي رهي هئي، اڄ جي رات خوشبوئن ۾ مهڪيل غلافِ ڪعبہ وَجْد ۾ جُهومي رهيو هو، اڄ جي رات جبلن جو حُسن ۽



www.dawateislami.net

سينگار بہ ڪيترو نہ بهترين هو جو ان جون خُوبصورت ۽ بُلند چوٽيون اهڙيون حسين لڳي رهيون هيون واه !واه! ڇا ڳالھ ڪجي، اڄ جي رات بادِ صبا ان جي ساوڪ ۾ اهڙيون لهرون پيدا ڪيون جو ائين معلوم ٿي رهيو هو جو جيئن جبلن سبز رنگ جا رئوا اوڍيا آهن. اڄ جي رات نهرن جو حال هي هو جو نهرن غسل ڪري جاري پاڻي جو چمڪندڙ لباس پائي رکيو هو. اڄ جي رات معراج واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِسْتقبال جي لاءِ چنڊ جي چاندوڪي جو پُراڻو فرش ڪنيو ويو هو ۽ نُوري مخلوق جي اکين جو زَرين ۽ زَرْبفت فرش (يعني سون ۽ ريشم جي تارُن سان ٺهيل فرش) وڇايو ويو هو.

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ جي رات اُها عظيم ۽ جڳ مڳ ڪندڙ رات آهي جو جنهن ۾ اسان جا آقا، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هڪ عظيم مُعْجِزَو عطا ٿيو. اڄ جي رات سمورن ملائڪن جي سردار حضرتِ سيدُنا جبريلِ امين عَلَيهِ السَّلَام پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ نهايت تيز رفتار سُواري بُراق وٺي حاضر ٿيو، ملائڪن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گهوٽ بڻايو ويو، نهايت احترام سان بُراق تي سُوار ڪيو ويو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آناً فاناً (يڪدم) مڪي شريف کان بيتُ المقدس پهتا، تمام نبين پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِستقبال ڪيو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني نبين جي اِمامت ڪئي، اڄ جي رات پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني آسمانن جي سير ڪئي ۽ ان جا عجائبات ڏٺا، اڄ جي رات پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر هر آسمان تي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کي پنهنجي زِيارت سان نوازيو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري تي نبين مُبارڪون پيش ڪيون، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سِدرَة المُنتَهٰي پهتا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان مقام تي پهتا جو جنهن کان اڳيان وڃڻ جي



www.dawateislami.net

ڪنهن کي مجال ناهي، ايستائين جو ان مقام تي جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام به پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان معذرت ڪئي، پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُن مقام تي پهتا جتي عقل ۽ فهم جي به رسائي ناهي، اج جي رات پاڻ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِنعاماتِ اِلٰهيه سان نوازيا ويا، پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خصوصي اِنعامات عطا ٿيا، اج جي رات پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شروع ۾ 50 نمازن جو تحفو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه مان عطا ٿيو جيڪو تخفيف ڪان پوءِ پنج نمازن جي صورت ۾ اسان تي فرض ڪيو ويو، اج جي رات پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّت ۽ دوزخ جي سير ڪئي، اج جي رات پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو خاص قُرب حاصل ڪيو، پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٿي جي اکين سان ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جو دِيدار ڪيو.

| | |
|---|---|
| باغِ عالم میں بادِ بہاری چلی | سرورِ انبیاء کی سُواری چلی |
| یہ سُواری سُوئے ذاتِ باری چلی | ابرِ رحمت اُٹھا آج کی رات ہے |
| طُور چوٹی کو اپنی جھکانے لگا | چاندنی چاند ہر سُو دِکھانے لگا |
| عرش سے فرش تک جگمگانے لگا | رشکِ صبحِ صفا آج کی رات ہے |
| عطرِ رحمت فرشتے چھڑکتے چلے | جس کی خوشبو سے رستے مہکتے چلے |
| چاند تارے جِلو میں چمکتے چلے | کہکشاں زیرِ پا آج کی رات ہے |
| طُور پر رفعتِ لامکانی کہاں | لَن تَرانی کہاں مَنۡ رّاٰنی کہاں |
| جس کا سایہ نہیں اُس کا ثانی کہاں | اُن کا اِک معجزہ آج کی رات ہے |
| جذبِ حسنِ طلب ہر قدم ساتھ ہے | دائیں بائیں فرشتوں کی بارات ہے |
| سر پہ نورانی سہرے کی کیا بات ہے | شاہ دُولہا بنا آج کی رات ہے |



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تَبارَڪ الله شان تيري!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي رات الله عَزَّوَجَلَّ سرورِڪائنات، شاھ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنھنجي ديدار سان نوازيو، جنھن جي طلب حضرتِ سيدُنا مُوسيٰ ڪلِيمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دل جي ڌڙڪن بڻيل ھئي، ايستائين جو اھا آرزُو، اِلتجاء بڻجي حضرت مُوسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي مُبارَڪ چپن تي آئي ۽ بارگاھ الٰھي ۾ عَرض ڪيو: رَبِّ اَرِنِي، اي منھنجا رَبّ مون کي پنھنجو ديدار عطا ڪر! رَبّ عَزَّوَجَلَّ اِرشاد فرمايو: ”لَنْ تَرٰانِي تون مون کي ھرگز نہ ڏسي سگھندين.“ پر جڏھن پنھنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڳالھ آئي تہ پاڻ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪلي محبوب کي گھرايو ۽ پنھنجي دِيدار سان نوازيو، تڏھن تہ عاشقِ ماھ رسالت، اِمام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڇا تہ بھترين ارشاد فرمايائون:

تَبَارَکَ اللہ شان تیری تجھی کو زیبا ہے بے نیازی

کہیں تو وہ جوشِ لَنْ تَرانِیْ کہیں تَقاضے وِصال کے تھے

(حدائقِ بخشش،ص۲۳۴)

### شعر جي سمجھاڻي:

يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ تُون وڏي برڪت وارو آھين ۽ تنھنجو شان نھايت بُلند آھي ۽ بي نيازي تنھنجي ئي شان جي لائق آھي ۽ تنھنجا ڪم بہ ڪيترا نہ عجيب آھن جو ھڪ پاسي تہ حضرت سَيدُنا مُوسيٰ عَلَيه السَّلام کي ديدار طلب ڪرڻ جي باوجود فرمايو پيو وڃي "اي مُوسيٰ تُون مون کي ھرگز نہ ڏسي سگھندين" ۽ ٻي پاسي پنھنجي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى



www.dawateislami.net

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مُلاقات جي طلب ڪئي پئي وڃي. (شرح ڪلامِ رضا ،ص۶۶۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شاه دُولها بنا آج کی رات ہے !

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم ۾ واقِعهٔ معراج جي ڪجھ حصّن کي هنن لفظن سان سيپاري 15سورهٔ بني اِسْرآئيل جي آيت نمبر 1 ۾ ائين بَيان فرمايو آهي :

سُبْحَانَ الَّذِی أَسْرَى بِعَبْدِهِ لَيْلًا مِنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ إِلَى الْمَسْجِدِ الْأَقْصَى الَّذِی بَارَكْنَا حَوْلَهُ لِنُرِيَهُ مِنْ آيَاتِنَا إِنَّهُ هُوَ السَّمِيعُ الْبَصِيرُ

**تَرْجمو ڪنزالايمان:** پاڪائِي آهي اُن کي جيڪو پنهنجي ٻانهي کي راتورات وٺي ويو، مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصیٰ تائين، جنهن جي چوڌارِي اسان برڪت رکِي، جيئن اسان اُن کي پنهنجُون وڏيُون نِشانيُون ڏيکاريُون، بيشڪ اُهو ٻُڌندڙ ڏِسندڙ آهي.

حَضْرتِ صدرُ الْافاضِل مولانا سيد مُفتي محمد نعيمُ الدِّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه خَزائن العرفان ۾ هن آيت سڳوري جي تَحت فرمائن ٿا: ”معراج شريف نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ مُعجِزو ۽ الله تَعَالٰي جي عظيم نعمت آهي ۽ ان سان حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو ڪمالِ قُرب ظاهر ٿئي ٿو جو مخلوقِ الٰهي ۾ ڀاڱ ڪان وڌيڪ ڪنهن ٻي کي مُيسَّر ناهي. معراج شريف بحالتِ بيداري جسم ۽ رُوح ٻنهي سان ٿيو، اهو ئي جمهور (يعني اڪثر) اَهلِ اِسلام جو عَقيدو آهي ۽ اَصحابِ رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ڪثير جماعتون ۽ حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا جَلِيلُ الْقَدر صحابہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم اجمعين انهيءَ جا مڃڻ وارا آهن. (خزائن العرفان ،ص۵۲۵)



www.dawateislami.net

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر شيءِ تي قادر آهي !

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اللّٰه تَعَالٰي اڄ جي رات جي هن عَظيم واقعي کي قرآنِ پاڪ ۾ لَفظِ "سُبْحٰن" کان شُروع فرمايو آهي، جنهن مان مُراد اللّٰه تَعَالٰي جي پاڪائي ۽ ذاتِ باري تَعَالٰي جو هر عَيب ۽ نُقص کان پاڪ هئڻ آهي. هن ۾ حڪمت هي آهي جو جسماني معراج جي ڪري مُنڪرن جي طرفان جيتري قدر اِعتراض ٿي سگهيا ٿي، انهن سڀنين جو جواب ٿي وڃي. مثال طور حُضُور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جسمِ اَقدس سان گڏ بَيتُ المقدس يا آسمانن تي تشريف وٺي وڃڻ ۽ اتان "ثُمَّ دَنٰى فَتَدَلّٰى" (قربِ خداوندي) جي منزل تائين پهچي ٿوري دير ۾ واپس موٽي اچڻ منڪرين جي ويجهو نامُمڪن ۽ مُحال هو. اللّٰه تَعَالٰي لَفظِ "سُبْحٰن" فرمائي هي ظاهر فرمايو ته هي تمام ڪم منهنجي لاءِ به نامُمڪن ۽ مُحال هجن ته هي منهنجي عاجزي ۽ ڪمزوري ٿيندي ۽ ڪمزوري هڪ عيب آهي ۽ مان هر عيب کان پاڪ آهيان. (مقالاتِ ڪاظمي، حصه اول، ص١٢٣)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حُضُور فَخرِ مَوجُودات، سيدِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن عَظِيمُ الشَّان مُعْجِزي تي فضول اِعتراض ڪرڻ ڪا نئين ڳالهه ناهي، بلڪ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ دَور کان اڄ تائين ڪيئي ناسمجهه ۽ حقيقت کان اڻ واقف ماڻهو هن عظيم مُعْجِزي جو اِنڪار ڪندي آيا آهن، هڪ مُسَلمان جي لاءِ بس اهو ئي ڪافي آهي جو هن واقعي کي عقل جي ترازؤ ۾ تورڻ بدران اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طاقت ۽ قُدرت کي پيشِ نظر رکو، ڇوته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هرشيءِ تي قادر آهي. هن ڳالهه کي وڌيڪ سمجهڻ جي لاءِ حضرتِ سَيدُنا سليمان عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اُمّتي



www.dawateislami.net

حضرت آصف بن برخيا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي اها ڪرامت بہ ذِهن ۾ رکو جو اُنهن اَسّي (80) گز ڊگهو ۽ چاليهه (40) گز ويڪرو هيرن ۽ جواهرات سان سينگاريل تَخْتُ اَک چِنيڻ ڪان پهريان پهريان يمن ڪان ملڪ شام ۾ پهچايو هو، هن واقعي کي الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 19سُوْرَهءِ نَمْل جي آيت نمبر 40 ۾ ائين بيان فرمايو آهي:

قَالَ الَّذِیْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا اٰتِیْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ یَّرْتَدَّ اِلَیْكَ طَرْفُكَ

(پ:١٩، النمل:٤٠)

**تَرْجَموڪنزالايمان:** ان عرض ڪيو جنهن وٽ ڪتاب جو علم هو تہ مان ان ڪي بارگاه ۾ حاضر ڪندس اک چنبي ڪان پهريان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو تہ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سَيدُنا سليمان عَلَيهِ الصَّلٰوۃُ السَّلَام جي هڪ اُمّتي کي سوين مِيل جي مُسافت تي مَوجُود اِنتهائي وَزني تخت اک چنيڻ ڪان پهريان ڪٽي اچڻ جي طاقت عطا فرمائي آهي تہ يقيناً اهو ئي رَبّ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ذاتي قُدرت ۽ طاقت سان پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي رات جي ٿوري حصّي ۾ مکان ۽ لامکان جي سير ڪرائڻ تي بہ قادر آهي. منهنجا آقا اعلي حضرت فرمائن ٿا :

خِرَد سے کہہ دو کہ سَر جُھکا لے گُماں سے گُزرے گُزرنے والے
پڑے ہیں یاں خُود جِہَت کو لالے کسے بتائے کدھر گئے تھے
سُراغِ اَیْن و متیٰ کہاں تھا نشانِ کَیْف و اِلیٰ کہاں تھا
نہ کوئی راہی نہ کوئی ساتھی نہ سنگِ منزل نہ مَرحلے تھے
کسے ملے گھاٹ کا کنارا کدھر سے گُزرا کہَاں اُتارا
بھرا جو مثلِ نظر طرارا وہ اپنی آنکھوں سے خُود چُھپے تھے

(حدائقِ بخشش، ص: ٢٣٥)



www.dawateislami.net

## شعرن جي سمجهاڻي:

(1) يعني عقل کي چئي ڇڏيو ته ڪهڙن خيالن ۾ گم آهي اهو نظارو تنهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي سگهي، لِهٰذا سَر جهڪائي ڇڏ چوته گُذرڻ وارا گُذري چڪا آهن ۽ تنهنجي هوا کي به پتو پئجي نه سگهيو ۽ تو کي ڪيئن پتو پوي ها، هتي ته ڇهن (6) طرفن کي به هن ڳالهه جي خبر نه هئي ته حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معراج جي رات ڪهڙي طرف ويا آهن. (شرح كلام رضا، ص۶۶۷)

(2) بيو کو چا بڌائي ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شَبِ معراج ڪٿي؟ ڪڏهن؟ ۽ ڪيئن تشريف وٺي ويا؟ هنن سيني سُوالن جا جواب ڪنهن وٽ نه آهن چوته اتي "ڪڏهن" ۽ "ڪٿي" جو تصور ئي نه هو ۽ نه ئي "ڪيئن" ۽ "ڪيستائين" جو نشان هو، اتي نه ته ڪو پاڻ جو ساٿي هو ۽ نه ڪو منزل جو نشان هو. (شرح كلامِ رضا، ص۶۶۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته اڄ جي رات جي هن عظيم واقعه معراج ۽ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بين مُعجِزَن کي عقل جي ترازو ۾ تورڻ جي بدران سچي دل سان تسليم ڪيون ۽ پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ اهڙن ماڻهن جي صُحبتِ بَد کان پري رهون جيڪي پياري آقا، محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُعْجِزَات ۽ ڪمالات جو اِنڪار ڪندا آهن ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ بي اَدَبيون گستاخيون ڪندا آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنَّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِرْشاد فرمائن ٿا:

حَیّ باقی جس کی کرتا ہے ثَنا | مَرتے دَم تک اُس کی مِدحَت کیجئے



www.dawateislami.net

جس کا حُسن اللہ کو بھی بھا گیا
ایسے پیارے سے مَحَبَّت کیجئے

(حدائقِ بخشش، ۱۹۵)

**شعرن جي سمجهاڻي:** يعني اهو خدا جيڪو هميشہ باقي ۽ زنده رهڻ وارو آهي، جڏهن اهو پنهنجي پياري جي ساراهہ ڪندو آهي تہ هن جي ٻانهن ڪي سمجهڻ گهرجي تہ اهو هي چاهيندو آهي تہ هر ڪو هر وقت منهنجي محبوب جي تعريف ڪري تہ جيئن منهنجي محبوب جو محبوب بڻجي منهنجو بہ محبوب بڻجي وڃي، ڇوتہ دوست جو دوست بہ دوست هوندو آهي .

جنهن پياري آقا محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حُسن ۽ جمال رب ذُوالجلال عَزَّوَجَلَّ کي بہ پسند آيو آهي، اي گناهگارو! دُنيا جي بربادي واري حُسن جي پنيان لڳڻ بدران هن محبوب جي رُخِ والضحيٰ ۽ زُلفِ وَالَّيل سان پيار ڪيو، جنهن جي ڪري سموري ڪائنات ۾ بهار آئي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## واقِعہِء معراج جون حڪمتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مشهور (عربي) چوڻي آهي تہ "فِعْلُ الْحَكِيمِ لَايَخْلُو عَنِ الْحِكْمَةِ" يعني حڪيم جو ڪو بہ ڪم حڪمت کان خالي نہ هوندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي هر ڪم ۾ بي شُمار حڪمتون پوشيده هونديون آهن جنهن کي سمجهڻ اسان جي وس ۾ نہ آهي. الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مَدَني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي معراج ڪرائي ان ۾ هڪ حڪمت نبي پاڪ، صاحبِ لَولاڪ، سَياحِ اَفلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دلجوئي ۽ دلي تسڪين بہ هئي، ڇوتہ جنهن ڏينهن صفا جي چوٽي تي بيهي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي جي قُريشن کي توحيد جي دعوت ڏني هئي، انهن ڏينهن کان



www.dawateislami.net

ڪافرن جي بُغض ۽ عَداوت جا شُعلا ڀڙڪڻ لڳا، هر طرفان مَصيبتن ۽ تڪليفن جو طوفان اچي ويو. رَنج ۽ غم جي اونداهي ڏينهن به ڏينهن وڌندي وئي، پر هن اونداهيءَ ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چاچا ابُو طالب ۽ اُمُّ الْمؤمِنين حضرت سَيدَتُنا خديجہ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو وُجُود هر نازُڪ مرحلي تي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ تسڪين ۽ اطمينان جو سبب بڻيو رهيو، اِعلانِ نُبوَّت جي ڏهين سال پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي وفات ڪئي، هن صَدمي جو زَخم اڃا ڀريو به نه هو جو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُنس رکندڙ ۽ غم خوار حضرت سَيدَتُنا خديجہ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا به وِصال ڪري ويون، مڪي جي ڪافرن کي هاڻي انهن زِيادتين کان روڪڻ ۽ ان جي ظُلم ۽ سِتَم تي مَلامت ڪرڻ وارو به ڪو نه رهيو، جنهن سبب انهن جون اِيذا رَسانيون (يعني انهن جي طرفان تڪليفون) ناقابلِ برداشت حد تائين وڌي ويئون.

رسولِ اَڪرَم،نُوْرِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طائف تشريف کڻي ويا ته شايد اتي جا ماڻهو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن دعوت کي قَبول ڪرڻ جي لاءِ آماده ٿي وڃن، پر اتي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان جيڪو ظالماڻو ورتاؤ ڪيو ويو، ان جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي، انهن حالتن ۾ جڏهن ظاهري طور هر پاسي مايوسي جو اَنڌيرو ڦهيلجي چُڪو هو ۽ ظاهري سهارا به ختم ٿي چڪا هئا، رحمتِ الٰهيءَ پنهنجي عَظْمَت ۽ ڪبريائي جي واضح نشانين جو مُشاهدو ڪرائڻ جي لاءِ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عالَمِ بالا جي سير جي لاءِ گهرايو، ته جيئن حالات جي ظاهري ناسازگاري پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وڌيڪ غمگين نه ڪري سگهي.

زہے عزّت و اِعتلائے محمّد (صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم) | کہ ہے عرشِ حق زیرِ پائے محمّد (صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم)
مکاں عرش اُن کا فلک فرش اُن کا | ملک خادمانِ سَرائے محمّد (صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم)



www.dawateislami.net

خدا کی رِضا چاہتے ہیں دو عالم خدا چاہتا ہے رضائے مُحَمَّد (صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم)
(حدائقِ بخشش،ص65)

**شعرن جي سمجهاڻي:** (★) سُبْحٰنَ الله، واه واه ڇا ڳالھ آهي؟ الله تعاليٰ پنھنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪيترو بلند رُتبو عطا فرمايو آهي جو عرشِ مُعلّيٰ پنھنجي تمام تر بُلندين جي باوجود حُضورِ پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ پيرن جي هيٺ آهي .

(★) جنھن جو قيام ڪرڻ عرش تي آهي ۽ رهڻ فرش تي آهي (۽ گذرڻ آسمانن تان) جڏهن تہ ملائڪ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي درِ دولت جا نوڪر چاڪر آهن.

(★) ٻئي جهانَ خدا عَزَّوَجَلَّ جي مرضي جا طلبگار آهن ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ پنھنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا چاهي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## معراج مصطفي جي هڪ ٻي حڪمت

مُفسرِ شهير، حڪيمُ الْاُمَّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه واقِعهءِ معراج جون حڪمتون بيان ڪندي فرمائن ٿا:

اهي سمورا مُعْجِزَا ۽ دَرجا جيڪي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي عليحده عليحده عطا فرمايا ويا آهن، اهي سمورا بلڪ اُنهن کان وڌيڪ (ڪئي مُعْجِزَا) حُضُورِ پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ٿيا. هن جا گھٽا ئي مِثال آهن: حضرتِ مُوسيٰ ڪلِيمُ الله (عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) کي اهو دَرجو مِليو جو اهي جبل طُور تي وڃي رَبّ (عَزَّوَجَلَّ) سان ڪلام ڪندا هئا، حضرتِ (سَيدُنا) عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام چوٿين آسمان تي گهرايا ويا ۽ حضرتِ اِدْرِيس عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام



www.dawateislami.net

جنَّت ۾ گھرايا ويا تہ حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي معراج ڪرائي وئي، جنھن ۾ اللہ عَزَّوَجَلَّ سان ڪلام بہ ٿيو، آسمان جي سير بہ ٿي، جنَّت ۽ دوزخ جو مُعَائِنو بہ ٿيو، مطلب تہ اھي سمورا رتبا ھڪ ئي معراج ۾ طئي ڪرايا ويا.[1]

طُور پر کوئی، کوئی چرخ پہ یہ عرش سے پار
سارے بالاؤں پہ بالا رہی بالائی دوست

(حدائقِ بخشش،ص63)

**شعر جي سمجھاڻي:** يعني ڪنھن جي معراج طُور تائين آھي (جيئن حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام)، ڪنھن جي چوٿين آسمان تائين (جيئن حضرت عيسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام) ۽ اسان جا آقا،حبيبِ ڪبريا، سَيدُ الْانبيآء صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي معراج جي درجي کي بہ ڪير پھچي سگھي ٿو، چوتہ سندن جي بُلندي تمام وڏين بُلندين جي بلنديءَ کان بہ بلند آھي .

سارے اُونچوں میں اُونچا سمجھئے جسے
ہے اس اُونچے سے اونچا ہمارا نبی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## معراج مصطفي جي ھڪ بي حڪمت

معراجِ مصطفي جي ھڪ حڪمت اھا بہ آھي تہ تمام پيغمبرن اللہ (عَزَّوَجَلَّ) جي ۽ جنت ۽ دوزخ جي گواھي ڏني ۽ پنھنجي پنھنجي اُمَّتن کان اَشْھدُ اَنْ لَّآ اِلٰہَ اِلَّا اللہ پڙھايو، پر انبياءِ ڪرام مان ڪنھن جي گواھي نہ تہ ڏٺل ھئي ۽ نہ ئي ٻڌل ھئي ۽ گواھي جي انتھا ڏسڻ سان ٿيندي آھي، تہ

(1)...شانِ حبيب الرحمن، ص١٠٧، ملتقطاًوملخصاً



www.dawateislami.net

ضرورت هئي تہ انهن نبين سڳورن (عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام) جي پاڪ جماعَت مان ڪا اهڙي هستي بہ هجي جيڪا انهن سڀني شين کي ڏسي ڪري گواهي ڏي، هن جي گواهي تي شهادت جي تڪميل ٿي وڃي. اها شهادت جي تڪميل حُضُور عَلَيۡهِ السَّلَام جي ذات تي ٿي. (جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني شين کي پنهنجي مُبارڪ اکين سان مُلاحظ فرمايو)[2]

امامِ عشق و محبت، سَيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه چا خُوب فرمائن ٿا:

طُورِ موسیٰ چرخِ عِیسیٰ
کیا مساویٔ دَنٰے ہو

سب جِہت کے دائرے میں
شش جِہت سے تم وَرا ہو

سب مکاں میں تم لامکاں میں
تَن ہیں تم جانِ صفا ہو

(حدائق بخشش،ص342)

**شعرن جي سمجهاڻي:**

(★) يعني حضرت سَيدُنا موسيٰ ڪليمُ اللّٰه عَلَيۡهِ السَّلَام کي جبل طُور تي گهرايو، حضرت سَيدُنا عيسيٰ روحُ اللّٰه عَلَيۡهِ السَّلَام کي آسمان تي گهرايو ويو ۽ اسان جي آقا حبيب اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرش تي سڏائي "ثُمَّ دَنٰى فَتَدَلّٰى" جو قُرب عطا فرمايو. حضرتِ سَيدُنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو طُور تي تشريف وٺي وڃڻ، حضرتِ سَيدُنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو چوٿين آسمان تي تشريف وٺي وڃڻ، پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قُربِ خاص خُداوندي جي برابر هرگز نٿو ٿي سگهي.

(★) سمورا انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ نہ هڪ جِهت جي دائري ۾ آهن، يعني انهن کي خاص خاص شان، ڪمالات ۽ مُعۡجِزَات عطا فرمايا

(2)...شانِ حبيب الرحمن، ص۱۰۷، ملتقطاًوملخصاً



www.dawateislami.net

ويا، پر اي منهنجا آقا، مڪي مدني مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! اوهان جي عظمت جي تہ ڪا حد ئي ناهي، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني جهتن ۽ قيدن کان وَرَاءُ الوَرا آهن.

(★) اي پيارا آقا! حبيبِ خدا (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سمورا انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مڪان ۾ آهن ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان تہ هي آهي جو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لامڪان جي سير بہ ڪري آيا آهن، سمورا نبي جيڪڏهن جسم آهن تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڪيزه جان ۽ پاڪ رُوح جيان آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## معراجِ مصطفيٰ جي هڪ ٻي حڪمت

الله تعاليٰ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام خزانن جو مالڪ بڻايو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 30، سُوْرَةُ الْكَوْثَر جي آيت نمبر 1 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

إِنَّا أَعْطَيْنَاكَ الْكَوْثَرَ

تَرْجَمَهٔ ڪنز الايمان: اي محبوب بيشڪ اسان توهان کي بي شمار خوبيون عطا فرمايون.

بُخاري شريف جي حديثِ پاڪ ۾ آهي حضور مالڪِ دين و دُنيا، شبِ اسرٰي جا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:"مان سمهي رهيو هئس تہ زمين جي سيني خزانن جون ڪنجيون آنديون ويون ۽ منهنجي ٻنهي هٿن ۾ رکيون ويون. (بخاري، ۲/۳۰۳، ۲۹۷۷) رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد



www.dawateislami.net

فرمايو:"مان (الله تعاليٰ جي خزانن جو) خازِن آهيان." (مسلم،۵۱۶/۱۰۳۷)

حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان هن جي تمام سلطنت جا مالِڪ آهن انهيءَ ڪري جنَّت جي پتن پتن تي، حُورن جي اکين ۾ غرض ته هر جڳهه لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ الله لکيل هو: يعني اهي شيون الله (عَزَّوَجَلَّ) جي بڻايل آهن ۽ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ الله کي ڏني وئي هئي. (ته معراج ڪرائڻ ۾) الله عَزَّوَجَلَّجي مرضي اها هئي جو (ٻنهي جهانن جي خزانن جي) مالِڪ کي ان جي ملڪيت ڏيکاري وڃي.[(3)] ان ڪري ئي معراج جي رات اها سير ڪرائي وئي.

دے دئیے تم کو اپنے خزانے | ربِّ عزت ربِّ عُلا نے
دونوں جہاں کی نعمت والے | تم پر لاکھوں سلام

تم پر لاکھوں سلام

عرشِ عُلا پر ربّ نے بُلایا | اپنا جلوۂ خاص دِکھایا
خَلْوَت والے جَلْوَت والے | تم پر لاکھوں سلام

تم پر لاکھوں سلام

تخت تمہارا عرش خدا کا | مُلکِ خدا ہے مِلک تمہارا
ربّ کی اعلیٰ خلافت والے | تم پر لاکھوں سلام

تم پر لاکھوں سلام

تم کو دیکھا حق کو دیکھا | آپ کی صورت اُس کا جلوہ
اچھی اچھی صُورت والے | تم پر لاکھوں سلام

تم پر لاکھوں سلام

چشمِ سر نے حق کو دیکھا | دل نے حق کو حق ہی جانا
اے حقّانی صورت والے | تم پر لاکھوں سلام

---

(3)...شانِ حبیب الرحمن، ص۱۰۷، ملتقطاًوملخصاً



www.dawateislami.net

تم پر لاکھوں سلام

(سامانِ بخشش،ص80،81،82،83)

الله جي عنايت۔۔مرحبا　　معراج جي عظمت۔۔مرحبا

بُراق جي قسمت ۔۔مرحبا　　بُراق جي سُرعَت۔۔مرحبا

اَقْصيٰ جي شوڪت۔۔ مرحبا　　نبين جي اِمامت۔۔مرحبا

آقا جي رِفْعت۔۔ مرحبا　　آسمان جي سِياحت۔۔مرحبا

مڪينِ لامڪان جي عظمت ۔۔مرحبا　　چشمانِ نبوت ۔۔مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## معراج مصطفي جي هڪ بي حڪمت

معراج مصطفي جون حڪمتون جيڪي عالمن بيان ڪيون آهن، اُنهن مان هڪ حڪمت هي به هئي جو محبوبِ ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت سموري ڪائنات تي ظاهر ٿئي، اِن ڪري جڏهن مسجدِ اقصٰي پهتا ته سيني نبين سڳورن عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اِمامت فرمائي ته جيئن تمام نبي عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضيلت ظاهر ٿئي (معارج النبوة ،رڪن سوم،ص۸۵) جيئن ته حضرت سَيِدُنا اَنس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمائن ٿا: پوءِ مان بيتُ المقدس ۾ داخل ٿيس، پوءِ منهنجي لاءِ تمام انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي گڏ ڪيو ويو، ته سَيِدُنا جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام مونکي اڳتي ڪيو، ايستائين جو مون سيني جي اِمامت ڪرائي. (سنن نسائي،ص۸۱،حديث:۴۴۸)

نمازِ اَقصٰی میں تھا یہی سِرّ عیاں ہوں مَعنیِ اَوّل آخر
کہ دَست بستہ ہیں پیچھے حاضر جو سلطنت آگے کر گئے تھے

(حدائقِ بخشش،ص 232)



www.dawateislami.net

**شعر جي وضاحت:** معراج جي رات مسجدِ اَقصيٰ ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام انبياءِ ڪرام ۽ رُسلِ عظام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي جيڪو نماز پڙهائي، هن ۾ اهو ئي راز هو ته پهرين ۽ آخري جو فرق واضح ٿي وڃي (ته آخر ۾ اچڻ جو مطلب هي ناهي ته آخري جي شان ۽ عظمت به گهٽ آهي) جيڪي نبي سڳورا عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اڳ ۾ پنهنجي نبوّتن جي ڌوم مچائي ويا هئا، اهي سڀ جا سڀ هٿ ٻڌي خاتمُ الانبياء صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان هٿ ٻڌي بيٺل هئا.

اي عاشقانِ مصطفيٰ، معراج جي رات يعني اڄ جي روشن ۽ مُنور رات، سرورِ ڪائنات، محبوبِ رَبِّ ارض و سمٰوٰت نبين جي امامت سان گڏوگڏ آسمانن تي ملائڪن جي اِمامت به فرمائي ته جيئن ملائڪن تي به سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي افضليت ظاهر ٿئي. (معارج النبوة، رڪن سوم،ص۸۵) مقصد ته جتان جتان کان حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گُذر ٿيو، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي افضليت کي انهن تي ظاهر ڪيو ويو.

عرش پہ تازہ چھیڑ چھاڑ فرش میں طُرفہ دُھوم دھام
کان جِدھر لگائیے تیری ہی داستان ہے

عرش کی عقل دنگ ہے چرخ میں آسمان ہے
جانِ مُراد اب کدھر ہائے تِرا مکان ہے

عرش پہ جا کے مرغِ عقل تھک کے گِراغش آگیا
اور ابھی منزلوں پَرے پہلا ہی آستان ہے

شانِ خدا نہ ساتھ دے اُن کے خرام کا وہ باز
سدرہ سے تا زمیں جسے نرم سی اِک اُڑان ہے

خوف نہ رکھ رضاؔ ذرا تو تو ہے عَبدِ مصطفٰے
تیرے لئے اَمان ہے تیرے لئے اَمان ہے

(حدائقِ بخشش،ص 178)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## معراج مصطفي جي هڪ ٻي حڪمت

الله تبارڪ وتعاليٰ قرآنِ ڪريم ۾ سيپاري 11،سُوْرَة التَّوبہ،آيت نمبر 111 ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

إِنَّ اللَّهَ اشْتَرَىٰ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُم بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ

**تَرْجموڪنزالايمان:** بيشڪ الله مُسلمانن کان سندن مال ۽ جان خريد ڪري ورتا آهِن هِن بدلي تي ته اُنهن جي واسطي جنت آهي

هن آيت سڳوري ۾ آهي ته الله تعاليٰ مومنن جي جان ۽ مال جو خريدار آهي ۽ مؤمن وڪڻڻ وارا آهن، مَبيع (وڪڻڻ واري شيء) مؤمنن جي جان ۽ مال آهي ۽ ثمن (عوض و قِيمت) جنّت آهي. اهو سودو محبوبِ ربُّ العالمين جَلَّ جَلَالُہٗ جي ذريعي ٿيو آهي، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن سودي جا وڪيل آهن، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مؤمنن جي مَبيع (مؤمنن جي جانن) کي ته ملاحظ فرمايو هو، معراج جي رات عوض (جنّت) کي ڏسڻ جي لاءِ تشريف وٺي ويا.

پردہ رُخِ انور سے جو اُٹھا شبِ معراج
جنّت کا ہوا رنگ دوبالا شبِ معراج

اےرحمتِ عالم تری رحمت کے تَصدُّق
ہر ایک نے پایا ِتراصدقہ شبِ معراج

جس وقت چلی شاہِ مدینہ کی سُواری
سجدے میں جھکا عرشِ مُعلّٰی شبِ معراج

یہ شانِ جلالت کہ نہایت ہی ادب سے
جبریل نے آقا کو جگایا شبِ معراج

دُولہاتھےمحمدتوبراتیتھے فِرشتے
اِس شان سے پہنچے مِرے مولیٰ شبِ معراج

ممکن ہی نہیں عقلِ دو عالم کی رَسائی
ایسا دِیا اللہ نے رُتبہ شبِ معراج

اُس میں سے جمیلِ رضوی کو بھی عطاہو
رحمت کا بٹا خاص جو حصہ شبِ معراج

(قبالہ بخشش،ص66،67،68)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## معراج مصطفي جي هڪ ٻي حڪمت

دُرَّةُ النَّاصِحين ۾ معراج جي هڪ حڪمت اها بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ زمين ۽ آسمان جو مُڪالمو ٿيو تہ زمين آسمان تي فخر ڪندي چيو: مان تون کان افضل آهيان، ان ڪري جو اللّٰه تعاليٰ شهرن، دريائن، نهرن، وڻن، جبلن ۽ ٻين ڪيئي شين سان مون کي زِينت عطا ڪئي آهي.

آسمان جواب ڏنو : مان تو کان بهتر آهيان، ان ڪري جو سج، چنڊ، تارا، آسمان، بُرج، عرش ۽ ڪرسي ۽ جنّت مون ۾ آهن "زمين چيو:"مون ۾ ڪعبو آهي، جنهن جي زِيارت ۽ طواف انبياء و مُرسلين، اولياء ۽ عام مؤمن ڪندا آهن، آسمان جواب ڏنو: مون تي بَيتُ المَعمُور آهي، هن جو طواف ملائڪ ڪندا آهن ۽ مون ۾ جنّت آهي جيڪا تمام انبياء و مُرسلين عَلَيۡهِمُ السَّلَام، تمام اولياء و صالحين رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين جي مقدس رُوحن جو ٺڪاڻو آهي.

زمين آسمان کي چيو: سَيدُالمرسلين، خاتمُ النَبين، حبيبِ رَبُّ العالمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي اِقامت فرمائي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شريعت مون تي جاري ڪئي آهي.

جڏهن آسمان اهو ٻڌو تہ جواب ڏيڻ کان لاچار ٿي ويو ۽ ماٺ ٿي ويو. پوءِ آسمان اللّٰه تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تون ئي مُضطَر و پريشان جي مدد ڪندو آهين، جڏهن اهو توکي پُڪاري، پوءِ آسمان عرض ڪرڻ لڳو: تُون محمد مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي منهنجي طرف سڏ تہ جيئن مان ان جو شرف حاصل ڪيان، جيئن تو زمين کي ان جي جمال سان شرف بخشيو آهي". اللّٰه تعاليٰ هن جي دُعا قبول ڪئي ۽ معراج جي رات آسمان کي اهو شرف عطا فرمايو. (درة الناصحين،ص ١٢٣)



www.dawateislami.net

شهزادهٔ اعليٰ حضرت،حُجَّة الاِسلام حضرت مُفتي حامد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه چا خُوب فرمائن ٿا:

ہے عبد کہاں معبودکہاں معراج کی شب ہے راز نِہاں
دو نُورحجابِ نُور میں تھے خُود رَبّ نے کہا سُبحان اللہ
ہیں عرشِ بریں پر جلو ہ فگن محبوبِ ﷻ خُداسُبحان اللہ
اک بار ہوا دیدار جسے سَو بار کہا سُبحان اللہ
حیران ہوئے بَرق اور نظر اک آن ہے اور برسوں کا سفر
راکب نے کہا اللہُ غَنِی مَرکَب نے کہاسُبحان اللہ
طالب کاپتہ مَطلُوب کو ہے مطلوب ہے طالب سے واقِف
پردے میں بُلا کر مل بھی لیے پردہ بھی رہاسُبحان اللہ
جب سجدوں کی آخری حدوں تک جا پہنچا عبودِیَّت والا
خالق نے کہا مَا شَآءَ اللہ حضرت نے کہاسُبحان اللہ
سمجھے حامِد انسان ہی کیا یہ راز ہیں حُسن و اُلفَت کے
خالق کا حَبِیبِی کہنا تھا خَلقَت نے کہاسُبحان اللہ

(بیاضِ پاک ،ص33)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## معراج مصطفي جي هڪ ٻي حڪمت

الله تعاليٰ حضرت سَيدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيۡهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو ته پنهنجو عصو (لٺِ) زمين تي رکو، جڏهن عَصو رکيو ويو ته اهو اَزدهو (وڏو نانگ) بڻجي ويو، پوءِ الله تعاليٰ حڪم ڏنو ته پڪڙي وٺو، جڏهن پڪڙي ورتو ته اهو ٻيهر عَصو بڻجي ويو، اهي تمام مُشاهده ان ڪري هئا ته ڪليم جو مُقابلو جڏهن فرعون جي جادُوگرن سان ٿئي ته ان ماحول جي هيبت ان تي طاري نه ٿئي، پڪي عزم سان مُقابلو ڪري سگهن.



www.dawateislami.net

سياڻي قِيامت جي ڏينهن نبي رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي شفاعت ڪرڻي آهي، بلڪ شفاعت جو دروازو پاڻ کي ئي کولڻو آهي، الله تعاليٰ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪائنات جا عجائبات، جنّت جا درجات ۽ جهنّم جو مُشاهدو ڪرائي ڇڏيو، ان کان علاوه بيون به وڏيون وڏيون نشانيون ڏيکاريون ته جيئن پاڻ تي قِيامت جي خوفناڪ ڏينهن جو خوف طاري نه ٿي سگهي، پوري عزم ۽ اِستقلال سان شفاعت ڪري سگهن. (معارج النبوۃ ،رکنِ سوم ،ص۸۰،ملخصاً)

اعليٰ حضرت جي ڀاء مولانا حسن رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ محشر جي ڏينهن جي چا ته خُوب منظر ڪَشي ڪن ٿا:

| | |
|---|---|
| تمہارا نام مصیبت میں جب لیا ہو گا | ہمارا بگڑا ہوا کام بن گیا ہو گا |
| گناہگار پہ جب لُطف آپ کا ہو گا | کِیا بغیر کیا بے کیا کیا ہو گا |
| دکھائی جائے گی محشر میں شانِ محبوبی | کہ آپ ہی کی خوشی آپ کا کہا ہو گا |
| خدائے پاک کی چاہیں گے اگلے پچھلے خوشی | خدائے پاک خوشی اِن کی چاہتا ہو گا |
| کسی کے پاؤں کی بیڑی یہ کاٹتے ہوں گے | کوئی اسِیرِ غم ان کو پکارتا ہو گا |
| کسی طرف سے صدا آئے گی حضور آؤ | نہیں تو دَم میں غریبوں کا فیصلہ ہو گا |
| کوئی کہے گا دُہائی ہے یارسولاللہ | تو کوئی تھام کے دامن مچل گیا ہو گا |
| کسی کو لے کے چلیں گے فرشتے سُوئے حجیم | وہ ان کا راستہ پھر پھر کے دیکھتا ہو گا |
| زبان سوکھی دِکھا کر کوئی لبِ کوثر | جنابِ پاک کے قدموں پہ گِر گیا ہو گا |
| کوئی قریبِ ترازو کوئی لبِ کوثر | کوئی صِراط پر ان کو پکارتا ہو گا |



www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| يہ بے قرار کرے گی صدا غریبوں کی | مقدس آنکھوں سے تار اشک کا بندھا ہو گا |
| ہزار جان فدا نرم نرم پاؤں سے | پُکار سُن کے اسیروں کی دوڑتا ہو گا |
| عزیز بچہ کو ماں جس طرح تلاش کرے | خدا گواہ یہی حال آپ کا ہو گا |
| کہیں گے اور نبی اِذہَبُوْا اِلٰی غَیرِی | مِرے حضور کے لب پر اَنَالَھَا ہو گا |
| دُعائے اُمّتِ بدکار وردِ لب ہو گی | خدا کے سامنے سجدہ میں سر جُھکا ہو گا |
| غلام ان کی عنایت سے چین میں ہوں گے | عَدُو حضور کا آفت میں مبتلا ہو گا |
| میں ان کے در کا بھکاری ہوں فضلِ مولٰی سے | حسنؔ فقیر کا جنت میں بسترا ہو گا |

(ذوقِ نعت،37،36،35)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## معراج مصطفي جي هڪ بي حڪمت

معراج جي هڪ حڪمت اها بہ آهي تہ سرورِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام وحيءَ جي قِسمن جو شرف حاصل ڪن، وحي جي هڪ قسم هي آهي جو الله تعاليٰ بِلا واسطہ ڪلام فرمائي ۽ اُها وحيءَ جي سڀ کان اعليٰ قسم آهي، پوءِ معراج جي رات الله عَزَّوَجَلَّ بِلاواسطہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪلام فرمايو: جيئن تہ سيپاري 27 سُوْرَةُ النَّجْم جي آيت 10۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَأَوْحَىٰٓ إِلَىٰ عَبْدِهِۦ مَآ أَوْحَىٰ | **تَرۡجمو ڪنزالايمان:** هاڻي وحي فرمايائين پنهنجي ٻانهي جي طرف جيڪا وحي فرمايائين |

تفسير جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ ”اٰمَنَ الرَّسُوْلُ“ واري آيتون جيڪي



www.dawateislami.net

سُوْرَة الْبَقَره جون آخري 2 آيتون آهن، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معراج جي رات الله تعاليٰ کان بِلا واسِطه ٻُڌي، اهڙي طرح ڪجهه سُورَةُ الضُّحيٰ ۽ ڪجهه سُورَه اَلَم نَشرَح معراج جي رات ٻُڌي. (تفسير روح البيان سورة الشوريٰ،ج8،ص345 )

اي عاشقانِ مصطفي! سُوْرَة الْبَقَره جون آخري 2 آيتون جيڪي سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خالقِ سمٰوٰت عَزَّوَجَلَّ کان شبِ معراج قُربِ خاص ۾ ٻڌيون، اچو! ان جي فضيلت ٻڌو ۽ وقت بوقت ان جي تلاوت به ڪندا رهو.

حضرتِ سيدُنا نعمان بن بشير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي ته شهنشاه مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪرڻ کان به هزار(2000) سال پهريان هڪ ڪتاب لکيو پوءِ هن مان سُوْرَة الْبَقَره جون آخري ٻه آيتون نازل فرمايون. جنهن گهر ۾ ٽي (3) راتيون ان ٻنهي آيتن کي پڙهيو وڃي شيطان ان گهر جي ويجهو نه ايندو. (سُنَنُ التِّرْمِذِي ج۴ ص۴۰۴ حديث۲۸۹۱)

حضرتِ سيدُنا اَبُومسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سياحِ اَفلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص سُوْرَة الْبَقَره جون آخري ٻه آيتون رات ۾ پڙهندو اهي ان کي ڪفايت ڪنديون. (صَحِيحُ البُخارِي ج۳ ص۴۰۵ حديث۵۰۰۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُوْرَة الْبَقَره جي آخري ٻن آيتن جي ڪفايت ڪرڻ مان مُراد هي آهي ته اهي ٻه آيتون هن جي ان رات جي قيام (رات جي عبادت) جي قائم مقام ٿي وينديون يا ان رات ان کي شيطان کان محفوظ رکنديون. هڪ قول هي به آهي ته هن رات ۾ نازل ٿيڻ وارين آفتن کان بچائينديون. وَاللهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ (فَتْحُ البَارِي،۱۰/۴۸)



www.dawateislami.net

حڪيمُ الاُمَّت مُفتي احمديارخان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: (سُوْرَۃ الْبَقَرہ جون آخري ٻہ آيتون) ڏک درد، رَنج ۽ غم ۾ ڪافي ( يعني اعلاج) آهن تہ انهن جي تلاوت ڪرڻ وارو (يعني سُورهٔ بقره جي آخري ٻن آيتن جي رات جو تلاوت ڪرڻ وارو) اِنْ شَآءَاللہ عَزَّ وَجَلَّ ڏک دَرد کان محفوظ رهندو آهي ۽ جيڪڏهن اتفاقاً ڪڏهن اچي تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ مُشڪل حل ڪري ڇڏيندو آهي يا تمام دُرود ۽ وظيفن جي طرف کان ڪافي آهن، يا نمازِ تهجد ۾ جيڪو انهن آيتن جي تلاوت ڪندو رهي، تہ گهڻي تلاوت کان ڪافي آهن.

(مِرْاٰۃ ج 3، ص 232)

بندہ ملنے کو قریبِ حضرتِ قادِر گیا  لمعۂ باطن میں گُمنے جلوہ ظاہر گیا
اللہ اللہ یہ عُلُوِّ خاص عبدیت رضاؔ  بندہ ملنے کو قریبِ حضرتِ قادِر گیا

(حدائقِ بخشش،ص 54،52)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!  صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اللہ جي عنايت۔۔مرحبا  معراج جي عظمت۔۔مرحبا
بُراق جي قسمت ۔۔مرحبا  بُراق جي سُرعَت۔۔مرحبا
اَقْصيٰ جي شوڪت۔۔ مرحبا  نبيون جي اِمامت۔۔مرحبا
آقا جي رِفْعت۔۔ مرحبا  آسمان جي سِياحت۔۔مرحبا
مڪينِ لامڪان جي عظمت ۔۔مرحبا  چشمانِ نبوت۔۔مرحبا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!  صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## معراج مصطفي جي هڪ ٻي حڪمت

اللہ تعاليٰ سڀ کان پهريان پنهنجي حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نور کي پنهنجي نور سان پيدا فرمايو ۽ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نور کي



www.dawateislami.net

پنهنجي قُربِ خاص ۾ رکيو، جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لباسِ بشريت سان دُنيا ۾ تشريف فرما ٿيا ته ان مقام جو اِشتياق ٿيو، تنهنڪري دَنٰى فَتَدَلّٰى جي مقام سان سڪون ۽ قرار مليو.

کيا بنا نامِ خدا اسریٰ کا دُولہا نور کا　　سر پہ سہرا نور کا برمیں شہانہ نور کا
(حدائق بخشش،ص 244)

## معراج مصطفي جي هڪ ٻي حڪمت:

هڪ حڪمت اها به بيان ڪئي وئي آهي ته اذان سکائڻ جي لاءِ معراج ڪرائي وئي، علامه ابنِ حَجَر عسقلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا:"حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْههُ الْكَرِيْم کان حديث آهي ته الله تعاليٰ پنهنجي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جڏهن اذان سيکارڻ جو اِرادو ڪيو ته جبرئيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ سواري ڪٺي آيا، جنهن کي بُراق چيو ويندو هو، پاڻ ان تي سُوار ٿيا".
(فتح الباري،ج۳،ص۶۸)

وہی لامکاں کے مکیں ہوئے سرِ عرش تخت نشیں ہوئے
وہ نبی ہے جس کے ہیں یہ مکاں وہ خدا ہے جس کا مکاں نہیں
سرِ عرش پر ہے تِری گزر دلِ فرش پر ہے تری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں
(حدائق بخشش،ص 108،109)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته پنهنجي اِيمان جي سلامتي ۽ پُختگي جي لاءِ، نبي ڪريم رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ٻين سيني نبين سڳورن عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي هر هر مُعجِزي تي سچي دل سان ايمان رکون ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مُعجِزَن کي عقل جي تَرازُو



www.dawateislami.net

۾ تورڻ جي بدران ان جي سچي عقيدت ۽ مَحَبَّت پنهنجي دل ۾ پيدا ڪيون، ان جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هميشه وابسته رهو، مدني چينل جا پيارا پيارا سلسلا ڏسو ۽ هر جمعرات جو پنهنجي علائقي ۾ ٿيڻ واري هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هن جي برڪت سان اسان جي عقيدن جي حفاظت ٿيندي رهندي. هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ته اسان جو مدني انعام ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم به آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن اجتماعِ پاڪ ۾ جتي تلاوتِ قرآنِ ڪريم، ذِڪر و دُرُود ۽ دُعا ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿيندي آهي ، اتي عِلمِ دِين جي لاءِ سفر ڪرڻ، علمِ دِين سکڻ ۽ هن کي ٻين تائين پهچائڻ جي فضيلت به حاصل ٿيندي آهي.اچو عِلمِ دِين جي فضيلت تي مشتمل 3 فرمانِ مُصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

1. مَنْ سَلَكَ طَرِيْقًا يلْتَمِسُ فِيهِ عِلْمًا سَهَّلَ اللهُ لَهُ بِهٖ طَرِيْقًا اِلَى الْجَنَّةِ جيڪو اهڙي راه تي هلي جنهن ۾ علم کي تلاش ڪري، ان جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنت جي راهه آسان ڪندو آهي.[4]

2. فرمايو: مَنْ طَلَبَ الْعِلْمَ تَكَفَّلَ اللهُ بِرِزْقِهٖ جيڪو شخص علم جي طلب ۾ رهندو آهي ،اللهعَزَّوَجَلَّان جي رِزق جو ضامن آهي.[5]

3. اِرشاد فرمايو: جيڪو اللهعَزَّوَجَلَّجي فَرض جي باري ۾ هڪ يا ٻه يا ٽي يا چار يا پنج ڪلمات سکي ۽ ان کي چڱي طرح ياد ڪري وٺي ۽ پوءِ

---

[4] ...مسلم، كتاب الذكر و الدعاء...الخ ، باب فضل الاجتماع...الخ،ص ۱۴۴۸، حديث: ۲۶۹۹

[5] ...تاريخ بغداد، محمد بن القاسم بن هشام، ۳۹۸/۳



www.dawateislami.net

ماٺهن ڪي سيڪاري تہ اهو جنّت ۾ داخِل ٿيندو.

(اَلتَّرغِيب وَالتَّرهيب ج۱ ص ۵۴ حديث ۲۰ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان جتي علمِ دِين جي دولت نصيب ٿيندي آهي ، اتي گُناهن سان نفرت ۽ نيڪين سان مَحَبَّت جو جذبو بہ بيدار ٿيندو آهي.اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

(مظفرآباد، ڪشمير) جي رهائشي اسلامي ڀاء جي بيان جو خلاصو آهي: اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون ننڍپڻ ۾ ئي قرآنِ ڪريم حِفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري ورتي. پر حافِظِ قرآن هئڻ باوُجُود منهنجو اُٿڻ ويهڻ بُرن دوستن سان گڏ هو. خوش قسمتي سان منهنجي مُلاقات هڪ اهڙي اسلامي ڀاء سان ٿي جيڪو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ هو، جڏهن اُنهن مون کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اِجتماع جي دعوت ڏني، تہ ان جي لهجي جي مِٺاس منهنجي دل تي اَثر ڪيو ۽ مان اجتماع ۾ شريڪ ٿيس. جڏهن مون هن مَدَني ماحول کي ويجهو کان ڏٺو تہ بيحد مُتاثر ٿيس ۽ مون هر پاسي عِلمِ دِين جا موتي عام ڪرڻ واري دعوتِ اسلامي جي شعبي "جامعة المدينہ" ۾ درسِ نِظامي (عالم ڪورس) ڪرڻ جي لاءِ داخلہ وٺي ڇڏي ۽ انهيءَ دوران اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول سان گڏ سُنَّتن جي تربيت جي لاءِ مَدَني قافلي ۾ 12 مهينن جو سفر بہ مڪمل ڪري چڪو آهيان.

| | |
|---|---|
| يقيناً مُقدَّر کا وه ہے سکندر | جسے خیرسے مل گیا مدنی ماحول |
| یہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی | دِلائے گا خوفِ خدا مدنی ماحول |
| تُوآبے نمازی،ہے دیتا نمازی | خدا کے کرم سےبنامدنی ماحول |
| گر آئے شرابیمِٹے ہر خرابی | چڑھائے گا ایسا نشہ مدنی ماحول |



www.dawateislami.net

اے بیمارِ عصیاں تُوآجا یہاں پر
گناہوں کی دیگا دوا مدنی ماحول
گناہگارو آؤ سِیہ کارو آؤ
گُناہوں کو دیگا چُھڑامدنی ماحول
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص648،647)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انبياءِ ڪرام بي مثل آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معراج جي واقعي مان جتي ان جون ڪجھ حڪمتون معلوم ٿيون، اتي اهو بہ مَعلُوم ٿيو تہ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام بي مثل ۽ بي مثال آهن. انهن جي شان ۽ عظمت جو اندازو هن ڳالھ مان لڳايو جو جڏهن پيارا آقا، محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بُراق تي سوار ٿي بيتُ المقدس جي لاءِ روانا ٿيا تہ بُراق جي تيز رفتاري جو هي عالَم هو جو جتي ان جي نگاھ وينديِ هئي اتي ان جو پير پوندو هو، هن سفر جي دوران جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ سَيدُنا مُوسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي مزارِ پُراَنوار وٽان گُذريا، جيڪو ريت جي ڳاڙهي ٺڪري وٽ هو، تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏٺائون تہ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي قبر ۾ بيهي نماز پڙهي رهيا آهن.[(6)] غور ڪيو تہ جيڪڏهن اسان ڪنهن تيز رفتار گاڏي ۾ سُوار هجون تہ اسان کي ڪجھ سمجھ نہ ايندو، ڪڏهن ڪڏهن تہ تيز رفتاري جي سبب راھ ۾ بيٺل واقف چهرا بہ سڃاڻپ ۾ نہ ايندا آهن، حالانڪ اسان جي گاڏي جي رفتار ان بُراق جي مُقابلي ۾ ڪجھ بہ ناهي، پر نگاھ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪمال ڏسو تہ انتهائي تيز رفتار بُراق تي سوار آهن، ان جي باوُجُود پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ

---

(6)...صحيح مسلم، كتاب الفضائل، باب من فضائل...الخ، ص٩٢٧، الحديث:٢٣٧٥.



www.dawateislami.net

وَسَلَّم حضرت مُوسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڏسي ورتو ۽ اهو به ٻڌايو ته اهي پنهنجي مزار ۾ نماز پڙهي رهيا هئا، هتي اها ڳالهه به ذهن ۾ رکو ته بيتُ المقدس ۾ جتي تمام انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جي اِستقبال جي لاءِ پهريان کان ئي مَوجُود هئا، ان ۾ حضرت مُوسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام به مَوجُود هو حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جڏهن بُراق تي تشريف فرما ٿي آسمانن تي پهتا، اتي ٻين نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام سان گڏ حضرتِ مُوسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام سان ڇهين آسمان تي ملاقات ٿي، ان سان مَعلُوم ٿيو ته انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي الله عَزَّوَجَلَّ اهڙي طاقت ۽ قوت عطا ڪئي آهي جو نُوري بُراق به ان نَبوي طاقت جو مُقابلو نٿو ڪري سگهي، ۽ اهو به مَعلُوم ٿيو ته الله عَزَّوَجَلَّ جا تمام انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام بااختيار ۽ قادر آهن، الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي اهو اختيار ڏنو آهي ته اهي جڏهن چاهين جتي چاهين وڃي سگهن ٿا، جڏهن ٻين نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي طاقت جو هي عالَم آهي ته اسان جي آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ته تمام نبين جا به امام آهن ۽ سڀني جا سردار به آهن، اُنهن جي طاقت ۽ اختيار جو اندازو ڪير ڪري سگهي ٿو؟ سرڪار اعليٰ حضرت، امام اَهلسُنَّت،الشاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اِرشاد فرمائن ٿا:

خَلق سے اولیا، اولیا سے رسل | اور رسولوں سے اعلیٰ ہمارا نبی
مُلکِ کونین میں انبیا تاجدار | تاجداروں کا آقا ہمارا نبی

(حدائقِ بخشش،ص138،139)

## شعرن جي وضاحت:

- تمام انسانن ۾ اولياءِ ڪرام افضل ۽ اعليٰ آهن، اولياءِ ڪرام کان انبياء ۽ مرسلين افضل ۽ سڀني رسولن کان اعليٰ اسان جو نبي.



www.dawateislami.net

❖ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهي جهانن جا بادشاه هوندا آهن ۽ اسان جي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مقام ۽ مرتبو هي آهي جو پاڻ انهن بادشاهن جا به بادشاه آهن.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڪجھ مُشاهدا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معراج جي رات پياري مُصطفي، ڪعبي جي بَدرُالدُّجيٰ، طيبه جي شَمسُ الضُّحيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪائنات جي سير ڪندي، قدرت جي ڪيئي عجائبات جو مُشاهده ڪيو، جنَّت ۾ تشريف کڻي ويا جتي پنهنجي غُلامن جا جنَّتي مَحل ۽ مَقامات مُلاحظ ڪيا، اتي نافرمانن کي عذابِ الٰهي ۾ گرِفتار به ڏٺو، جيڪي پنهنجي گُناهن جي سزا ۾ اِنتهائي دردناڪ عذاب ۾ مبُتلا هئا. اچو! عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ جهنَّم جا ڪجھ مُشاهدات ٻڌون ٿا:

منقول آهي ته سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جهنّم ۾ ڪجھ اهڙا ماڻهو نظر آيا جيڪي مُردار کائي رهيا هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پُڇا فرمائي ته اي جبريل! هي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيائين: هي اُهي آهن جيڪي ماڻهن جو گوشت کائيندا (يعني غيبت ڪندا) هئا.[7] اهڙي طرح (اهو به ڏٺائون) هڪ ماڻهو نهر ۾ ترندي پٿر ڳڙڪائي رهيو هو، ٻڌايو ويو ته هي وياج خور آهي،[8] پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙن

(7)...مسنداحمد، مسند عبد الله بن العباس...الخ، ۵۵۳/۱، الحديث:۲۳۲۴.

(8)...شعب الايمان، الثامن والثلاثون من شعب الايمان، ۳۹۱/٤، الحديث:۵۵۰۹.



www.dawateislami.net

ماڻهن وٽان گذريا، جن جا مٿا پٿرن سان چيپياٽيا پئي ويا، هر ڀيري چيپياٽڻ کان پوءِ اهو ڀهريان جيان دُرُست ٿي ويندا هئا ۽ (ٻيهر چيپياٽيا ويندا هئا)، ان مُعَامَلي ۾ انهن سان ڪا سُستي نہ ڪئي ويندي هئي. پڇا ڪرڻ تي جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: هي اهي ماڻهو آهن جن جا مٿا نماز سبب وزني ٿي ويندا هئا۔[9] ڪجھ ماڻهو اهڙا بہ هئا جيڪي باھ جي ٽارين تي لٽڪيل هئا، هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي دُنيا ۾ پنهنجي والِدَين کي گاريون ڏيندا هئا.[10] حُضُور عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪجھ اهڙن ماڻهن کي بہ ڏٺو جِن جا چَپَ اُٺن جي چپن جيان (وڏا وڏا) هئا، انهن تي اهڙا ماڻهو مُقَرَّر هئا جيڪي انهن جا چپ پڪڙي باھ جا وڏا وڏا پٿر انهن جي وات ۾ وجهندا هئا جيڪي انهن جي هينان کان نڪرندا هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي معلوم ڪرڻ تي جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي يتيمن جو مال ظُلماً کائيندا آهن۔[11] اهڙي طرح اهي ماڻهو جيڪي دُنيا ۾ پنهنجي مالن جي زڪوٰة نہ ڏيندا هئا، مني آقا، معراج واري مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي هن حال ۾ ڏٺو جو انهن جي اڳيان پويان چيٿڙا لٽڪي رهيا هئا ۽ اُهي چوپاين جيان چَرندي ڪنڊيدار گاھ ٿوهر (هڪ خاردار ۽ زهريلو ٻوٽو کائي رهيا هئا) ۽ جهنّم جا تپيل (گرم) پٿر ڳڙڪائي رهيا هئا۔[12]

---

(9)...مجمع الزوائد،كتاب الايمان،باب منه فى الاسراء، ٢٣٦/١، الحديث:٢٣٥.

(10)...الزواجر، كتاب النفقات على الزوجات...الخ، الكبيرة الثانية بعد الثلاثمائة، ١٣٩/٢

(11)...الشريعة للآجرى، باب...انه اسرى به...الخ، ١٥٣٢/٣، الحديث:١٠٢٧.

(12)...الترغيب والترهيب، ٣٠٨/١



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو هنن عذابن تي غور ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي هيٺائپ ۽ ڪمزوري تي نظر ڪيو، هاءِ! اسان جي ڪمزوري جو حال تہ هي آهي جو هلڪو بُخار يا مٿي ۾ سُور ٿئي تہ اسان تڙپي پئون ٿا، تہ پوءِ آخرت جا هي دَرد ناڪ عذاب ڪيئن برداشت ڪري سگهنداسين؟ اسان جو نازُڪ بدن هرگز انهن عذابن ڪي برداشت نٿو ڪري سگهي، تنهنڪري اجا بہ وَقت آهي هوش ۾ اچو ۽ ماڻهن جون غيبتون ڪرڻ، چُغليون هڻڻ، انهن جي عيبن کي ظاهر ڪرڻ کان بچو، چوتہ غيبت ڪرڻ وارن، چُغل خورن ۽ پاڪباز ماڻهن جي عيب تلاش ڪرڻ وارن کي الله عَزَّوَجَلَّ (قيامت جي ڏينهن) ڪُتّن جي شِڪل ۾ اٿاريندو. (اَلتَّرغِيب وَالتَّرهيب ج۳ص۳۲۵ حديث ۱۰) اهڙي طرح وياجي ڪاروبار جي ذريعي حرام روزي ڪمائڻ، کائڻ کان بہ بچندا رهو چوتہ وياج جو هڪ دِرهم وٺڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو هن شخص جو حالتِ اسلام ۾ 33 ڀيرا بدڪاري ڪرڻ کان بہ وڌيڪ وڏو گناهہ آهي. (مجمع الزوائد،ڪتاب البيو ع ، باب ماجاء في الربا ،الحديث: ۶۵۷۴،ج۴، ص ۲۱۱)

تنهنڪري حلال روزي ڪمايو، پنج وقتہ نمازِ باجماعت جي عادت بڻايو، ٻنهي جهان ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

اي عاشقانِ مصطفيٰ! هٿوهٿ سچّو عهد ڪيو تہ آئينده اسان ڪڏهن بہ ڪنهن جي غيبت نہ ڪنداسين، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ، هاڻي ڪا بہ نماز قضا نہ ٿيندي اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ، ماءُ پيءُ جي دِل نہ ڏکائينداسين اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ، ڪنهن جو بہ ناحق مال نہ کائينداسين اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ .جيڪي صاحبِ نصاب آهن اهي نيت ڪن تہ پوري پوري زڪوٰة ادا ڪنداسين.اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

## اعتڪاف جي ترغيب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گُناهن کان بچڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿيڻ، هر مهيني ٽن 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر، مدني انعامات تي عمل ۽ دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي رمضان يا آخري عشري جي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪرڻ به آهي.

عاشقانِ رمضان جي لاءِ خوشخبري ته اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ رَمَضانُ المُبارَڪ جي آمد آمد آهي ۽ هن مُبارَڪ مهيني جي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! هن مهيني ۾ عبادت، تلاوت ۽ ذِڪر و دُرُود جي ڪثرت جي ڪري پنهنجي اعمال نامي ۾ گهڻيون نيڪيون لکائڻ جا موقعا وڌي ويندا آهن. اسان کي به گهرجي ته گُناهن کان پاڻ کي بچائڻ ۽ ڏينهن رات نيڪين ۾ گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي تحت سڄي رمضان جي مهيني جي اِعتڪاف ۾ شرڪت جي نه صرف پاڻ نِيت ڪيون پر ٻين اسلامي ڀائرن تي به اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي به تيار ڪيون. فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي:

مَنِ اعْتَكَفَ اِيمانًا وَّاحْتِسَابًا غُفِرَلَه مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتِڪاف ڪيو، ان جا اڳوڻا سمورا گُناهه بخشيا ويندا." (جامع صغير ص۵۱۶الحديث۸۴۸۰)

يا خدا ماهِ رمضاں کے صدقے — سچّی توبہ کی توفیق دیدے

نیک بن جاؤں جی چاہتا ہے — یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص136)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي ته هر سال نه ته زِندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ته سڄي رَمَضانُ المبارَڪ جو اِعتڪاف ڪرڻ ئي



www.dawateislami.net

گھرجي.اسان جا پيارا آقا، مٺا مٺا مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خصُوصاً رَمَضان شريف ۾ عبادت جو خُوب اهتِمام ڪندا هئا. جيئن ته رَمَضان جي مهيني ۾ ئي شبِ قدر کي به پوشيده رکيو ويو آهي، ان ڪري ان مُبارَڪ رات کي ڳولهڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيرو سڄي مُبارَڪ مهيني جو اعتِڪاف ڪيو. ۽ هونئن به مسجِد ۾ رهڻ نهايت وڏي سَعادَت آهي ۽ مُعتَڪف جي ته ڇا ڳالھ آهي جو رِضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي سڀني مصروفيتن کان فارِغ ڪري مسجِد ۾ ويهي رهندو آهي .فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي ،"اعتِڪاف جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن، ڇوته هن ۾ ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمّل طور تي پنهنجي پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مصروف ڪندو آهي ۽ دُنيا جي ان تمام مصروفيتن کان جدا ٿي ويندو آهي جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي قُرب جي راھ ۾ حائل ٿينديون آهن ۽ مُعتَڪِف جو سمورو وقت حَقيقةً يا حُڪماً نَماز ۾ گذرندو آهي. (ڇوته نَماز جو انتِظار ڪرڻ به نماز جيان ثواب رکي ٿو) ۽ اعتِڪاف جو اَصل مقصد جماعت سان نَماز جو انتِظار ڪرڻ آهي ۽ مُعتَڪف ان (ملائڪن) کان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني نه ڪندا آهن ۽ جيڪو انهن کي حُڪم ملندو آهي ان کي ادا ڪندا آهن ۽ انهن سان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي ڏينهن رات الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح (پاڪي) بيان ڪندا رَهندا آهن ۽ ان کان بيزار ناهن ٿيندا. (فتاوي عالمگيري ج١ ص٢١٢)

## مجلس تربيتي اعتڪاف !

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اِعتڪاف دَوران نيڪيون ڪرڻ جا ڪيتري قدر مَوقعا ملندا آهن. اسان کي به هر سال نه سهي گهٽ ۾گهٽ زندَگي ۾ هڪ ڀيرو هن اَداءِ مصطَفٰي کي اَدا ڪندي سڄي رَمَضانُ



www.dawateislami.net

المُبارَڪ جو اِعتِڪاف ڪرڻ ئي گهرجي ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏيارڻ گهرجي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ اعتڪاف جي نظام کي مُنَظَّم ڪرڻ جي لاءِ هڪ شعبو ”مجلس اعتڪاف“ بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مجلس اعتڪاف جي تحت نہ صرف پاڪستان بلڪ دُنيا جي مختلف ملڪن جي سوين مسجدن ۾ سجي رَمَضانُ المبارَڪ ۾ آخِري عَشره ۾ اِجتِمَاعي اِعتِڪاف جو اهتمام ڪيو ويندو آهي . ان ۾ هزارين اسلامي ڀائر مُعتَڪف ٿي پنج وقتہ نماز باجماعت اَدا ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻي نفلي عبادات جي سعادت بہ حاصل ڪندا آهن، هن کان علاوه اعتڪاف ۾ وُضو، غسل ،نماز، روزي جا ۽ ٻيا شرعي مسئلا بہ سکاريا ويندا آهن ۽ روزانو ظهر ۽ تراويح کان پوءِ 2 مدني مُذاڪرن جي ذريعي شيخ طريقت، اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل سُوالن جا دِلچسپ ۽ علم و حڪمت سا پرپُور جوابن سان معلومات جو وڏو خزانو بہ هٿ ايندو آهي . ۽ ڪيئي مُعتَڪف رَمَضانُ المبارَڪ ختم ٿيڻ تي چند رات جو ئي عاشقانِ رسول سان گڏ سُنّتن جي تربيت جي مَدَني قافلن جا مُسافِر بڻجي ويندا آهن.

رحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
سُنَّتیں سیکھنے کے لیے آؤ تم
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
فضلِ ربّ سے گناہوں کی کالک دُھلے
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوں کا تمہیں خوب جذبہ ملے
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
بھائی گر چاہتے ہو ”نَمازیں پڑھوں“
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوںمیں تمنّا ہے ”آگے بڑھوں“



www.dawateislami.net

مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
تم کو راحت کی نعمت اگر چاہئے
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص640)

## مدني عطيات جي ترغيب

دعوتِ اسلامي تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ آهي، جنهن جو مدني پيغام هينئر تائين گهٽ وڌ 200 ملڪن ۾ پهچي چڪو آهي ، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي خدمتِ دِين جي تقريباً 102شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، صرف جامعة المدينه (للبنين و للبنات)، مدرسة المدينه (للبنين و للبنات)، مدرسة المدينه آن لائن (للبنين و للبنات) ۽ مدني چينل جا سالانہ اخراجات ڪروڙين نہ اربين روپين ۾ آهن، دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ زڪوٰة، صدقات،مدني عطيات ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجي رِشتيدارن، پاڙيسرين، دوستن تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل ٻڌائي مدني عطيات گڏ ڪيو.فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: صدقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪندو آهي ،فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: صدقو بُري موت کي روڪيندو آهي .

## لنگرِرضويہ ۾ حصو وٺو

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ هر سال هزارين عاشقانِ رسول سڄي رمضان ۽ آخري عشري جي اِعتڪاف جي سعادت حاصل ڪندا آهن، انهن عاشقانِ رسول جي لاءِ "لنگرِ رضويہ" (سحري ۽ افطاري) جو نهايت وڏو اِنتظام ڪيو ويندو آهي تہ جيئن اُهي عاشقانِ رسول دِلجمعي سان علمِ دين جي مدني حلقن ۽ مدني مذاڪرن ۾ ڀرپور توجه سان شرڪت ڪري سگهن. لنگرِ رَضَويہ جي مد ۾ ڪروڙين روپين جا اخراجات ٿيندا آهن جيڪي معتڪفين



www.dawateislami.net

ڪان نہ ورتا ويندا آهن. بلڪ مخير اسلامي ڀائر هن نيڪي جي عظيم ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪندا آهن، هن سال بہ اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ سوين هنڌن تي سڄي مهيني ۽ آخري عشري جو اعتڪاف ٿيندو، جنهن ۾ هزارين عاشقانِ رمضان، رمضان جي مبارڪ ساعتن جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا. تمام عاشقانِ رسول رضاءِ اِلٰهي ۽ ٻين سنين نيتن سان "لنگرِ رضويہ" جي مد ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي نيت فرمائي ونو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ ستاويهين (27وين) رات آهي ۽ سڀاڻي ستاويهن جو ڏينهن ٿيندو، ان ڏينهن يعني 27 رجب جي روزي جي وڏي فضيلت آهي :"جيڪو خوش نصيب27 رجب جو روزو رکندو آهي ،اُن کي 60 مهينن جي روزن جو ثواب ملندو آهي". (ڪفن جي واپسي،ص8)

## سوسال جي روزن جو ثواب

ستاويهين رَجَب شريف جي روزي جي وڏي فضيلت آهي ،الله جي محبوب، داناءِ غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذِيشان آهي: رجب ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي جيڪو ان ڏينهن روزو رکندو ۽ رات جو قيام (عبادت) ڪري تہ ڄڻ ان سؤ سال جا روزا رکيا ۽ سؤ سال جي شب بيداري ڪئي، اها رجب جي 27 تاريخ آهي. (شُعَبُ الْاِيمَان ج۳ص۳۷۴حديث ۳۸۱۱ )

عنقريب شعبانُ المعظم جي مهيني جي آمد ٿيڻ واري آهي هن مبارڪ مهيني جي روزن جي بہ تمام گهڻي فضيلت آهي، جيئن



www.dawateislami.net

سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ ، قرارِ قلب وسينہ ، فيض گنجينہ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي ، ”(رَمَضان کان پوءِ) سڀ کان افضل شَعبان جا روزا آهن، رَمَضان جي تعظيم جي لاءِ."

(شُعَبُ الايمان، ج3،ص377،حديث3819)

اُمّ الْمُومِنِين حضرتِ سَيدَتُنا عائِشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا کان رِوايت آهي ”حُضورِ انور، شافِعِ مَحشر، مديني جي تاجور، بِاِذنِ ربِّ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوبِ داوَر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سڀِي شَعبان جا روزا رکندا هئا.“ فرمائن ٿيون: مون عرض ڪيو، ”يارَسُولَ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! ڇا سيني مهينن مان پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو وڌيڪ پسنديده شَعبان جا روزا رکڻ آهن؟ “ تہ شفيع روز ِشُمار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ هن سال مرڻ واري هر جان کي لکي ڇڏيندو آهي ۽ مون کي هي پسند آهي تہ منهنجو رُخصت جو وَقت اچي ۽ مان روزيدار هجان.“

( مُسندِابويعلي ،ج۴،ص277،حديث4890)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي معراج واري آقا، مکي مدني مصطفي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صَدقي سياٽي جو نفل روزو رکڻ، شعبان ۽ پوءِ رمضان جا سمورا روزا رکڻ جي توفيق عطا فرمائي، ڪاش! اسان سڀي رمضان جو يا آخري عشري جو اعتڪاف ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، ڪاش! سنين سنين نيتن سان خوب خوب مدني عطيات جمع ڪرڻ جي توفيق ملي وڃي. امين بجاه النبي الامين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽



www.dawateislami.net

ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.
(مِشْڪاة الْمَصابِيح ،ج١ ص٥٥ حديث ١٧٥ دارالڪتب العلمية بيروت )

سينه تري سُنَّت جو مدينه بنے آقا
جنَّت مين پروسي مجهے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سَلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب!

⁂ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ⁂ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ⁂ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي ⁂ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو **الله** عَزَّوَجَلَّ جو مُقرّب آهي ⁂ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 433 حديث 8786) ⁂ سلام ۾ (اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿين ٿيون. (ڪيمياءِ سعادت) ⁂ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله بہ چوندا تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ⁂ اهڙي طرح جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي 30 نيڪيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون ⁂



www.dawateislami.net

سلام جو جواب جلدي ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي ﴿ سلام ۽ سلام جي جواب جو صحيح تَلَفُّظ ياد ڪري وٺو. پهريان مان چوان ٿو اوهان ٻڌي دُهرايو: اَلسَّلامُ عَلَيكُمْ (اَسْ۔سَلامُ ۔عَلَيْ۔كُمْ) هاڻي پهريان مان جواب ٻڌايان ٿو پوءِ اوهان دُهرايو: وَعَلَيكُمُ السَّلام (وَعَلَيْكُ۔مُسْ۔سَلَام)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارِشريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي. (101مَدَني پهول،ص۲،۳،۴،۵)

عاشقانِ رسول، آئيں سنّت کے پھول    دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(13)

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(14)

[13] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[14] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(15)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(16)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(17)

---

15...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

16...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

17...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[18]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُتَعَالٰي عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[19]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو

---

[18] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[19] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة ...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڇڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (رجب المرجب جي هر هفتيوار اجتماع ۾ هي دعا پڙهائي وڃي)

رجب ۾ هي دعا پڙهڻ سنت آهي! جڏهن رجب جو مهينو ايندو ته نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّ شَعبَانَ وَ بَلِّغنَا رَمَضَان۔

يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! تو اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرما ۽ اسان کي رمضان تائين پهچا. (المعجم الاوسط للطبراني، ج 3، ص 85، حديث 3939)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net